# مُسڪرائڻ سنّت آهي

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت


رسالي جو نالو: مسڪرائڻ سنت آهي

ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1443ھ مارچ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري

## جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ورتل رسالو

# مُسڪرائڻ سنّت آهي

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

مُسڪرائڻ سنّت آهي ........ 1
دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ صدقو آهي ........ 1
ڳالهه ڪندي مُسڪرائڻ سنّت آهي ........ 1
هٿ ملائڻ مهل مُسڪرائڻ مغفرت جو سبب آهي ........ 4
مُسڪرائڻ جون سنيون ۽ ٻُريون نيتون ........ 4
ٺَهَڪ شيطان جي طرف کان آهي ........ 5
ٺَهڪ گناهه ناهي ........ 6
خاموشي وڏيڪ کلڻ گهٽ ........ 6
ڇا صحابہ کلندا هيا؟ ........ 6
کنهن کي کلندو ڏسي ڪري پڙهڻ جي دعا ........ 7
مبلغ اعلان جي ذريعي مسجد ۾ کلڻ کان منع ڪري ........ 7
نماز ۾ کلڻ جا احڪام ........ 7
مسلمان ڀاءُ جي لاءِ مسڪرائڻ صدقو آهي ........ 8
مالي صدقي جي تعريف ........ 8
اندورني مَرض هڪدم غائب ٿي ويا ........ 10
دُعا جي قبوليت ۾ دير ٿيڻ تي نہ گهٻرايو ........ 11
دُعا جي قبوليت جو نُسخو ........ 11

ناڪارا گُردن جو علاج ........................................ 12
بہ نشا ........................................ 13
پڙهيل لکيلن جون جَهالتون ........................................ 13
پهريان وارن جي مثل اَجر ........................................ 14
ڪوئي مُبلغ ڪنهن صَحابي جي برابر نٿو ٿي سگهي ........................................ 15
مُسڪرائڻ جا حيرت انگيز طبي فائدا ........................................ 17
مسڪراهٽ جو تحفو ........................................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مُسڪرائڻ سنّت آهي

هي مضمون ”نيڪيءَ جي دعوت“ صفحي 245 کان 258 مان کنيو ويو

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”مُسڪرائڻ سنّت آهي“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي پنهنجي پياري پياري مُسڪرائڻ واري سڀ کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قيامت جي ڏينهن شفاعت کان مُشرَّف ڪري جنّتُ الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سڀ کان ويجهو اهو هوندو جنهن مون تي وڌيڪ دُرود شريف پڙهيا هوندا. ( ترمذی،27/2،حديث:484)

## نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ صدقو آهي

حضرتِ سيّدُنا ابوذرغِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت نشان آهي:”پنهنجي (ديني) ڀاءُ سان مُسڪرائي ملڻ توهان جي لاءِ صدقو آهي ۽ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ صَدقو آهي.“ (ترمذی ،384/3،حديث:1963)

## ڳالهه ڪندي مُسڪرائڻ سنّت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ مُبارڪ ۾ مُسڪرائي

ڪري ملڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ ڪي صَدقو چيو ويو آهي، سبحان الله! مُسڪرائي ملڻ جي تہ چا ڳالھ آهي! مسڪرائي ڪري ملڻ، مُسڪرائي ڪري ڪنھن کي سمجھائڻ عام طور نيڪيءَ جي دعوت جي مَدَني ڪم کي نهايت سولو ۽ آسان بڻائي ڇڏيندو ۽ حيرت انگيز نتيجن جو سبب بڻجندو آهي، جي ها توهان جي معمولي مُسڪراهٽ ڪنھن جي دل کٽي ڪري اُن جي گناهن ڀري زندگي ۾ مَدَني اِنقلاب آڻي سگھي ٿي، ۽ ملڻ وقت بي رُخي ۽ لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي هٿ ملائڻ ڪنھن جي دل ٽوڙي اُن کي مَعاذَالله گمراهي جي اونهي کڏ ۾ ڪيرائي سگھي ٿو، لِهٰذا جڏهن بہ ڪنھن سان ملو، گفتگو ڪيو اُنهيءَ وقت جيترو ٿئي سگھي مُسڪرائيندا رهو، جيڪڏهن خشڪ مزاجي ۽ بي توجُّهي سان ملڻ جي عادت آهي تہ ملنساري ۽ مسڪرائڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ خوب ڪوشش ڪيو، بلڪ مُسڪرائڻ جي عادت پڪّي ڪرڻ لاءِ ضرورتاً ڪنھن جي ذميداري بہ لڳايو تہ اهو اوهان کي ٻين سان ڳالهائيندي وقت ڏسي تہ اوهان جو منهن سجل يا ڇهري تي گھنج محسوس ڪري تہ وقتاً فوقتاً يادگيري ڏياري ڇوندو رهي يا توهان کي هِن طرح جي تحرير ڏيکاري:"ڳالهائيندي مُسڪرائڻ سنّت آهي." جي ها هي بلڪل سنّت آهي. جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 73 صفحن تي مشتمل ڪتاب "حسنِ اخلاق" صفحي15 تي آهي: حضرتِ سيّدَتُنا اُمّ دَرداء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا حضرتِ سيّدُنا ابو دَرداء رَضِيَ اللهُ عَنْه جي متعلق فرمائڻ ٿيون تہ اهي هر ڳالھ مُسڪرائي ڪري ڪندا هئا، جڏهن مون ان کان هن جي باري ۾ پڇيو تہ انهن جواب ڏنو: "مون حسنِ اخلاق جي پيڪر، ملنسارن جي رهبر،

غمزدن جي ياوَر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪي ڏنو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گفتگو دوران مسڪرائيندا رهندا هئا.“

(مکارم الاخلاق للطبرانی، ص319،رقم: 21)

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں　　اُس تبسُّم کی عادت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش شریف،ص303)

**شرحِ ڪلام رضا:** حدائقِ بخشش شريف ۾ شامل ”سلامِ رضا“ جي هن مصرعي ”جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں“جي آخري لفظ ”پڑیں“ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي مَدَني سوچ جو عظيم حصو آهي، ڇوتہ جيڪڏهن پڑیں جي جڳهہ ”پڑے“ لکن ها تہ معنيٰ طور ڪنهن هڪ واقعي جي طرف اشارو ٿي وڃي ها! پر اعليٰ حضرت ”پڑیں“ لکي ڪري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظيم صفت بيان فرمائي، هن شعر جي معنيٰ آهي حيات ظاهري ۾ تہ تسڪين ڏيڻ سان غمزده دلين جون مکڙيون کلي پون ٿيون پر اڄ بہ سرڪارنامدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن ڪنهن ڏُکاري کي خواب ۾ يا ڪنهن غلام کي قبر ۾ تسلي ڏيندا آهن تہ اهو پرسڪون ٿي ويندو آهي، هِن مصرع ۾ هي بہ اشارو ملي ٿو تہ محشر ۾ بہ گنهگار اُمّتين کي دلاسو ڏئي چين ۽ قرار بخشيندا بئي مصرعي جي معنيٰ آهي: ان تسڪين ڏيندڙ مبارڪ عادت تي لکين سلام هجن، حضرتِ مولانا سيّد اخترالحامدي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن شعر تي ڏاڍي پياري تضمين لکي آهي.

مُضطرب غم سے ہوتے ہُوئے ہنس پڑیں　　رنج سے جان کھوتے ہوئے ہنس پڑیں
بخت جاگ اُٹھیں سوتے ہوئے ہنس پڑیں　　جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں
اُس تبسُّم کی عادت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هٿ ملائڻ مهل مُسڪرائڻ مغفرت جو سبب آهي

هڪ روايت ۾ آهي تہ سيّدُنا نُفَيع اَعميٰ رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا بَراء بن عازب رَضِیَ اللهُ عَنْه سان منهنجي ملاقات ٿي تہ انهن منهنجو هٿ پڪڙي ڪري مون سان مُصافحو فرمايو(يعني هٿ ملايو) ۽ مسڪرائڻ لڳا، پوءِ پڇڻ لڳا: ڄاڻو ٿا مون ايئن ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو: نہ ، تہ فرمائڻ لڳا: نبي ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون ڪي ملاقات جو شرف بخشو تہ مون سان ايئن ئي ڪيو پوءِ مون کان پڇيو: ڄاڻيو ٿا مون ايئن ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو: نہ، تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون جڏهن بہ مسلمان ملاقات ڪرڻ وقت مُصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن ۽ بئي هڪبئي جي سامهون الله پاڪ جي لاءِ مسڪرائيندا آهن تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان پهريان ئي انهن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي. (معجم اوسط،5/366حديث:7630)

باغِ جنّت میں محمد مسکراتے جائیں گے　　پھول رَحمت کے جھڑیں گے ہم اٹھاتے جائیں گے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مُسڪرائڻ جون سٺيون ۽ بُريون نيتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذڪر ٿيل حديث شريف ۾ لفظ ”الله جي لاءِ“ سٺي نيت جي صراحت ڪري ٿو. بَهَرحال ڪنهن مسلمان سان هٿ ملائڻ ۽ گفتگو دوران مُسڪرائڻ صرف انهيءَ صورت ۾ آخرت جي ثواب ۽ مغفرت جو سبب آهي جڏهن هي هٿ ملائڻ ۽ مُسڪرائڻ صرف الله پاڪ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي نيّت سا هجي، پنهنجي ملنساري جو ڍاڪو ويهارڻ، ڪنهن مالدار يا سياسي، ”شخصيَّت“ جي

خوشنودي حاصل ڪرڻ، دنياوي مذموم مفاد پرستي واري ”ذاتي دوستي“ وڌائڻ ۽ معاذاللّٰه اَمرد (يعني لسي ڇوڪري) جي هٿن کي ڇُهَڻ ۽ ان جي جوابي مُسڪراهٽ جي ذريعي گناهن ڀري لذّت حاصل ڪرڻ وغيره بُريون نيّتون نہ هجن، واقعي اهي اسلامي ڀائر وڏا خوش نصيب آهن جيڪي رضاءِ الٰهي لاءِ، پنهنجي مغفرت ڪرائڻ، اتّباع سنّت جو ثواب ڪمائڻ، مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل فرمائڻ، اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي اسلامي ڀائرن کي نيڪ اعمال جو عامل ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جو مسافر بنائڻ وغيره حسب حال سنين سنين نيتن سان ملاقات ۾ ڳالهہ ڪندي مسڪرائيندا رهن ٿا.

## ٺَهَڪ شيطان جي طرف کان آهي

وڏي آواز سان کلڻ مناسب ناهي ڇو تہ هي سنّت ناهي بلڪ هي تہ شيطان جي طرفان آهي، جيئن حضرتِ ابوهريره کان مروي آهي تہ اللّٰه پاڪ جا محبوب ارشاد فرمائن ٿا: ”اَلْقَهْقَهَةُ مِنَ الشَّيْطَانِ وَالتَّبَسُّمُ مِنَ اللهِ يعني ٺهڪ ڏيڻ شيطان جي طرفان آهي ۽ مسڪرائڻ اللّٰه جي طرف کان آهي“.

(معجم صغير، 104/2،حديث:1053)

حضرتِ علامہ عبدُالرؤف مَناوي فرمائن ٿا: ٺهڪ مان مُراد آواز سان کلڻ آهي، شيطان اُن کي پسند ڪندو آهي ۽ ان تي سوار ٿي ويندو آهي جڏهن تہ تَبَسُّم مان مُراد بغير آواز جي ٿوري مقدار ۾ کلڻ.

(فيض القدير، 706/4،تحت الحديث:6196)

مشهور مفسرِقرآن حڪيمُ الاُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائين ٿا: مُسڪرائڻ سني شيءِ آهي (۽) ٺهڪ بُري شيءِ آهي، تَبَسُّم حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادت مبارڪ هئي (ٺهنڪري) جڏهن ڪنهن سان ملو تہ مُسڪرائي ملو. (مرآة المناجيح ، 14/7 )

# ٿَهڪ گناهہ ناهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ٽهڪ لڳائڻ جيتوڻيڪ شيطان جي طرف کان آهي، بُرو بہ آهي ۽ سنّت بہ ناهي، انهي باوجود گناهہ بہ ناهي، بالفرض ڪنهن عالِم صاحب يا بُزرگ کي ٽهڪ لڳائيندي ڏسو تہ اُنهن جي لاءِ پنهنجي دل ۾ هرگز ڪنهن قسم جو برو گمان نہ آڻيو.

# خاموشي وڌيڪ کلڻ گهٽ

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ خاموشي اختيار ڪرڻ وارا ۽ گهٽ کلڻ وارا هئا. (مسند امام احمد،7/407،حديث:20853)

حافظ ابن حجر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: احاديثِ مبارڪ جمع ڪرڻ سان جيڪا ڳالهہ ظاهر ٿي اها هيءَ آهي تہ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عام طور تي تَبَسُّم کان وڌيڪ نہ کلندا هئا ۽ ڪڏهن وڌيڪ ٿي ويندي هئي تہ اها کل هوندي هئي ۽ ظاهر اهو ئي آهي تہ ٽهڪ نہ هوندو هو. (مواهب ا للدنيہ،54/2)

# ڇا صحابہ کلندا هيا؟

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان پڇيو ويو تہ ڇا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابي کلندا هئا؟ فرمايائون: ها ۽ انهن جي دلين ۾ ايمان جبل کان مضبوط هو. (شرح السنة ،375/6) مشهور مفسرِ قرآن حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هِن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: شايد سائل (يعني پڇڻ واري) اها حديث ٻڌي هوندي، ”گهڻو کلڻ دل کي مردو ڪري ٿو“ تہ انهيءَ سوچ هوندو تہ حَضرات صحابہ عَلَيْهِم الرِّضْوَان ڪڏهن نہ کلندا هوندا (ڇو تہ) اهي حضرات (تہ) زنده دل هئا پوءِ انهن جو کِلڻ سان ڪهڙو تعلّق! (سيّدُنا ابن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي ”ها“ ۾) جواب (ڏيڻ) جو

مقصد هي آهي تہ ڪلڻ حرام ناهي حلال آهي، اهي حَضرات (يعني صحابہ ڪرام ) ايئن نہ ڪلندا هئا جو اهو ڪلڻ دل کي مردو ڪري ڇڏي يعني هر وقت ڪلندي رهڻ بلڪ اهڙي طرح ڪلندا هئا جو دل کي شِگُفتہ (يعني تَر و تازه) رکي ۽ سامهون واري کي بہ شگُفتہ (يعني تَر و تازه) بڻائي ڇڏي. (مرآة المناجيح، 404/6)

## ڪنهن کي ڪلندو ڏسي ڪري پڙهڻ جي دعا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪنهن کي ڪلندو ڏسو تہ "بخاري شريف" ۾ آيل هي دعا پڙهڻ گهرجي: اَضۡحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ (يعني الله پاڪ توهان کي ڪلندو رکي) (بخاری،4/123،حديث:6085)

## مبلغ اعلان جي ذريعي مسجد ۾ ڪلڻ کان منع ڪري

مسجد ۾ موقعي جي مناسبت سان مسڪرائڻ جي اجازت آهي پر ڪلڻ يا ٺهڪ ڏيڻ جي اجازت ناهي، تنهنڪري مسجد ۾ دورانِ بيان ڪا اهڙي ڳالهہ اچڻ لڳي جنهن ۾ حاضرين جي ڪلڻ جو انديشو هجي تہ مبلغ کي گهرجي تہ اهو هيئن اعلان ڪري:

توجُّهہ فرمايو! هاڻي اسان مسجد ۾ آهيون ۽ مسجد ۾ ضرورتاً صِرف مسڪراهٹ جي اجازت آهي يعني فقط اهڙي کِل جنهن جي پاڻ کي بہ آواز نہ اچي، آواز سان هرگز نہ کلو، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي "مسجد ۾ ڪلڻ قبر ۾ اونداهيءَ وٺي اچي ٿو" (جامع صغير ،ص322،حديث:5231)

## نماز ۾ ڪلڻ جا احڪام

دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "نماز جا احڪام" (496 صفحات) صفحي30 کان 31 تي آهي: (1) رُڪوع و سُجود واري نماز ۾

بالغ ٽهڪ ڏنو يعني ايتري آواز سان کليو جو پر وارن ٻڌو ته وُضو به ٽٽي ويو ۽ نماز به وئي، جيڪڏهن ايتري آواز سان کليو جو صرف پاڻ ٻڌائين ته نماز وئي وُضو باقي آهي، مرڪڻ سان نه نماز ٽٽندي نه وُضو. (مراقی الفلاح، ص91) مُرڪڻ ۾ آواز بلڪل ناهي ايندو، بلڪ ڏند ظاهر ٿيندا آهن. (2) بالِغ شخص جنازي جي نماز ۾ ٽهڪ ڏنو ته نماز ٽٽي وئي پر وضو باقي آهي. (مراقی الفلاح، ص91) (3) نماز کان علاوه ٽهڪ ڏيڻ سان وضو ناهي ٽٽندو پر بيهر ڪرڻ مستحب آهي، (مراقی الفلاح، ص84) اسان جي پياري پياري آقا ڪڏهن به ٽهڪ نه ڏنو تنهنڪري اسان کي به ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته هي (ٽهڪ نه ڏيڻ واري) سنّت به زنده ٿئي ۽ اسان زور زور سان نه کلون.

## مسلمان ڀاءُ جي لاءِ مسڪرائڻ صدقو آهي

حضرتِ سيّدُنا ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ روح پرور آهي: توهان جو پنهنجي ڀاءُ لاءِ مُسڪرائڻ به ”صدقو“ آهي، نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ به ”صَدقو“ آهي، ڀٽڪيل جي رهنمائي ڪرڻ به ”صَدقو“ آهي، بُرائي کان منع ڪرڻ به ”صَدقو“ آهي، ڪمزور نظر واري جي مدد ڪرڻ به ”صَدقو“ آهي، رستي تان پٿر، ڪنڊو ۽ هڏي جو هٽائڻ به ”صَدقو“ آهي، پنهنجي ڏول مان پنهنجي ڀاءُ جي ڏول ۾ پاڻي وجهڻ به صدقو آهي. (ترمذی، 384/3، حديث: 1963) پڻ هڪ روايت ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: هر قَرض صدقو آهي.

(شعب الايمان، 3/ 284، حديث:3563)

## مالي صدقي جي تعريف

عام طور تي جڏهن لفظ ”صدقو“ چيو ويندو آهي ته ذهن ”خيرات“ جي

طرف ويندو آهي. بيشڪ خيرات ڪي بہ صدقو چوندا آهن، اچو! هتون هٿ ”مالي صدقي“ جي تعريف ڄاڻون ٿا، جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”ضياءِ صدقات“ (415 صفحا) صفحي 32 کان 33 تي آهي: لُغت ۾ صَدقي مان مُراد عِطيَّةٌ يُرَادُبِهَا الْمَثُوبَةُ لَاالْمَكْرَمَةُ (المنجد) يعني ”صدقو“ اهو عطيو(GIFT) آهي جنهن جي ذريعي پنهنجي عزت وڏائڻ جي بدران ثواب جو ارادو ڪيو وڃي. (مطلب هي آهي تہ اهو عطيو(عَ طِ يُو. يعني انعام) صدقو سڏائيندو آهي، جنهن جي ڏيڻ جو مقصد پنهنجي عزت وڏائڻ ۽ واهہ واهہ چاهڻ نہ هجي اهو صرف ثواب جي نيّت سان ڏنو ويو هجي) علاّمہ سيّد شريف جُرجاني حنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صدقي جي تعريف هنن لفظن سان ڪئي آهي: هِيَ الْعَطِيَّةُ تَبْتَغِيْ بِهَا الْمَثُوبَةَ مِنَ اللهِ تَعَالٰى. يعني صدقو اهو عطيو(GIFT) آهي جيڪو الله پاڪ جي بارگاهہ مان ثواب جي اُمّيد تي ڏنو وڃي. (ڪتابُ التعريفات ص 95)

صدقے اِس انعام کے قربان اِس اکرام کے ہو رہی ہے دونوں عالم میں تمہاری واہ واہ

(حدائق بخشش، ص 135)

شرح ڪلامِ رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هِن نعتيہ شعر ۾ فرمائن ٿا : يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ربّ تعاليٰ جي انهيءَ انعام ۽ اڪرام تي قربان ٿيان جو اُن توهان کي تمام مخلوقات ۾ سڀ کان بلند شان جو مالڪ ڪيو آهي ۽ هي انهيءَ جو ڪرم آهي جو ٻنهي جهانن ۾ توهان جي عظمتن ۽ رفعتن جي واهہ واهہ تي رهي آهي.

سب سے اَولٰی و اعلٰی ہمارا نبی سب سے بالا و والا ہمارا نبی

(حدائقِ بخش،ص138)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اندروني مَرض هڪدم غائب ٿي ويا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نَمازن ۾ سنّتن جي عادت بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، نيڪ بڻجڻ جي نسخي تي مشتمل نيڪ اعمال جي مطابق زندگي جا ڏينهن گذاري پنهنجي پاڻ کي سنتن جو عادي بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهو، سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪريو، اوهان جي ترغيب ۽ شوق جي لاءِ مَدَني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان هڪ اندروني مرض ۾ ورتل مريض جي شفايابي جي مدني بهار اوهان جي سامهون پيش ڪيان ٿو، جيئن ته هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته مان هڪ عرصي کان ڪجهه اندروني مرضن جو شڪار هُيس، مرض جي شدّت جو هيءُ عالم هيو جو جڏهن ٻه سمهندو هئس آزمائش ٿي ويندي هئي، علاج تي گهڻي رقم خرچ ڪرڻ باوجود اِفاقو نه ٿيو، مان اُن مرض مان تنگ اچي چڪو هيس، مون جڏهن ٻڌو ته مَدَني قافلن ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن ته همت ڪري سنّتن جي تربيَّت جي مَدَني قافلي جو مُسافر بڻجي ويس، اَلحمدُلِلّٰه! مَدَني قافلي ۾ سفر جي دوران مون دعا ڪئي ۽ ان جي برڪت سان منهنجو مرض ايئن ختم ٿيو جو ڄڻ ڪڏهن هيو ئي ڪونه!

قلب پر زنگ ہو، قافِلے میں چلو، نفس سے جنگ ہو، قافِلے میں چلو
پاؤں میں لنگ ہو، قافِلے میں چلو، درد سے تنگ ہو، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دُعا جي قبوليت ۾ دير ٿيڻ تي نہ گھبرايو

اَلحمدُلِلّٰه! مَدَني قافلي ۾ سنّتن ڀريو سفر شِفا جو سبب بڻجي ويو ۽ چونہ بڻجي ، دورانِ سفر ۾ اهو بہ عاشقانِ رسول جي قُرب ۾ دعائون جو گهريون هيون، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي قُرب ۾ گهري ويندڙ دعا ڪڏهن ردّ ناهي ڪئي ويندي، جيڪڏهن دعا جي قَبوليَّت ۾ دير ٿئي تہ گهبرائڻ ۽ جلدي نہ ڪرڻ گهرجي، دعوتِ اسلامي جي مکتبةُ المدينہ جي ڪتاب ”فضائلِ دُعا“ (318صفحا) صفحي 79 تي آهي: دُعا جي قبول ٿيڻ ۾ جلدي نہ ڪيو حديث شريف ۾ آهي تہ خدا تعاليٰ ٽن ماڻهن جي دُعا قبول ناهي ڪندو. هڪ اهو جيڪو گناهہ جي دعا گهري، ٻيو اهو جيڪو اهڙي ڳالهہ چاهي تہ قَطعِ رِحم (يعني رشتو ٽوڙڻ) ٿئي، ٽيون اهو جيڪو قبوليت ۾ جلدي ڪري، تہ مون جيڪا دُعا گهري اها اجا تائين قبول نہ ٿئي، اهڙو شخص گهبرائي ڪري دُعا ڇڏي ڏيندو آهي ۽ مطلب کان محروم رهندو آهي.

## دُعا جي قبوليت جو نُسخو

ڪنهن مريض کي شِفا نہ ٿيندي هجي تہ پهريان ڪجهہ خيرات ڪيو پوءِ غيرِمڪروهہ وقت ۾ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪري ٻاڌائي دُعا گهري اِن شاءَ الله دُعا قبول ٿيندي، ”فضائلِ دُعا“ صفحي 59 کان 60 تي آهي( دُعا جي قَبوليَّت جي آداب مان): ادب 5: دُعا کان پهريان ڪو عملِ صالح (يعني نيڪ عمل) ڪري جو خداءِ ڪريم جي رَحمت اُن (دُعا ڪرڻ واري) ڏانهن مُتوجّهہ ٿئي، صَدقو خُاص طور لڪيل، هن ماملي ۾ گهڻو اثر رکندو آهي(يعني خاص ڪري لڪائي ڪري خيرات ڪرڻ دُعا جي

قبوليّت ۾ گهڻو مُؤثِر آهي) (پاري28سورة المجادلہ آيت نمبر12 ۾ آهي)

فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً (پ28،المجادلہ:12)

ترجمو ڪنزالعرفان: پنهنجي عرض ڪان پهريان ڪجهه صدقو ڏئي ڇڏيو.

(دعا کان پهرين صدقو ڏيڻ واجب ناهي مُستحب آهي) صفحي61 تي آهي: ادب9: ڪراهت جو وقت نہ هجي تہ بہ رڪعت نماز خلوصِ قلب سان پڙهي جو جالبِ رحمت (يعني رحمت جو سبب) آهي ۽ رحمت، موجِب نعمت (آهي) (12) وقتن ۾ نفلَ پڙهڻ منع آهي ان 12 وقتن جو تفصيل مڪتبة المدينہ جي ڪتاب فضائلِ دعا صفحي 61 کان 62 تي حاشيي ۾ ڏسي وٺو)

## ناڪارا گُردن جو علاج

ڪراچي جي هڪ "شخصيت" کي يَرقان(پِيليا) ٿي پيو، پيٽ ۾ پاڻي پرجي ويو، گُردا بہ فيل ٿي ويا، ۽ بيهوشي ڇانئجي وئي، تمام وڏو ماڻهو هو ۽ ماءُ پيءُ جو اڪيلو (يعني هڪ ئي پٽ) ۽ انهن جي پوڙهائپ جو سهارو بہ اهو ئي هو، ڪُهرام مچي ويو 18 ڊاڪٽر ڏسي ڪري هليا ويا، سڀني لاعلاج قرار ڏنو، اڻويهون (19) ڊاڪٽر آيو، ان والدين کي ٻڌايو علاج جي طريقي ۾ هڪ ڪمي آهي ۽ اها توهان ئي پوري ڪري سگهو ٿا، مون کي اُميد آهي الله جي رَحمت ٿي ويندي، حسب توفيق ڪجهه صدقو يعني خيرات ڪري ڇڏيو پوءِ بہ رڪعتون نفل ادا ڪري ٻاڏائي دُعا گهرو، خيرات، نفلَ ۽ دُعا جي ترڪيب شروع ڪئي وئي، والدين ٽن ڏينهن تائين ٻاڏائي ٻاڏائي پنهنجي پٽ جي صحت جي بارگاھ

الٰهي ۾ خيرات گهرندا رهيا، تنئي ڏينهن اَلْحَمْدُلِلّٰه! گُردن ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، يَرقان ۽ پيٽ جي پاڻي ۾ ڪمي اچڻ شروع ٿي ۽ هڪ هفتي جي اندر اندر حيرت انگيز طور تي مريض بلڪل صحَّتياب ٿي ويو.

شفا دے الٰہی شفا دے الٰہی  گنہ کے مرض کو مٹا دے الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻہ نشا

حضرتِ سيِّدُنا مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ الله جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيِّده آمنہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي گلشن جي مهڪندي گُل صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ توهان پنهنجي ربّ (ڪريم) جي طرف کان دليل (يعني هدايت) تي آهيو جيستائين توهان ۾ ٻہ نشا ظاهر نہ ٿين، هڪ جَهالت جو نشو، ٻيو دُنياوي زندگي سان مَحَبَّت جو نشو، بس توهان (هاڻي تہ) نيڪي جو حڪم ڏيو ٿا ۽ بُرائين کان منع ڪيو ٿا ۽ الله پاڪ جي راهہ ۾ جِهاد بہ ڪيو ٿا (پر) جڏهن توهان ۾ دُنيا جي مَحَبَّت پيدا ٿي ويندي تہ توهان نہ نيڪي جو حڪم ڏيندؤ ۽ نہ بُرائين کان منع ڪندؤ ۽ نہ الله پاڪ جي راهہ ۾ جِهاد ڪندؤ. اهڙي وقت قرآن ۽ سنّت جي ڳالهہ ڇوڻ وارو مُهاجرين ۽ انصار مان سڀ کان پهريان ايمان آڻڻ وارن جي مثل هوندو. (مجمع الزوائد،533/7،حديث:12159)

## پڙهيل لکيلن جون جَهالتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! هلندڙ زماني ۾ هي ٻئي ”مذموم نشا“ عام ڏٺا پيا وڃن. جَهالت جي نشي ۾ اڄ اسان جي غالب اڪثريت

بدمست آهي. شايد توهان سمجهو ته تعليم ته خوب عام ٿي وئي آهي ۽ جڳهه جڳهه اسڪول ۽ ڪاليج کُلي چڪا آهن هاڻي جهالت ڪاٿي رهي آهي؟ ته معاف ڪجو دُنياوي تعليم ”جَهالت“ جو علاج ناهي، صحيح اهو ئي آهي ته اسلامي اَحڪام تي مشتمل فرض علوم حاصل ڪرڻ سان ئي دِين ڪان جهالت دُور ٿي سگهي ٿي، اڄڪلهه مسلمانن جي وڏي اڪثريت ۾ ضَروري ديني معلومات جو بيحد فقدان (يعني نه هجڻ) آهي اڄ دنيا جن ماڻهن کي ”تعليم يافته“ چوي ٿي انهن جي اڪثريت دُرست مخارج سان قرآنِ ڪريم ناهي پڙهي سگهندي! هيءَ جَهالت ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ ”پڙهيل لکيل“ ڪان وُضو ۽ غسل جو صحيح طريقو يا نَماز جا رُڪنَ پڇي ڏسو شايد ئي ڪير ٻڌائي سگهي، انهن ڪان جنازي جي دُعا ٻڌائڻ جي فرمائش ڪري ڏسو شايد هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ٿي ويندا! افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه اڪثر مسلمانن جي توجهه صِرف و صِرف دُنياوي تعليم طرف آهي، انهيءَ جي هر طرف پذيرائي (يعني مقبوليت) آهي، سڄي دولت ۽ قوت انهيءَ تي خرچ ڪئي پئي وڃي ٿي جڏهن ته ديني تعليم جا ادارا مُفت پڙهائڻ، مفت ڪارائڻ، ۽ قيام جون مُفت سهولتون ڪَڏ ڏيڻ باوجود ويران پيا آهن. يقيناً هي سڀ ”دنياوي زندگي جي نشي“ جا ڪرشما آهن.

مجھے دَر پہ پھر بُلانا مَدَنی مدینے والے
مئے عشق بھی پِلانا مَدَنی مدینے والے

(وسائِل بخشش، ص283)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پهريان وارن جي مثل اَجر

حُضُور نبيِ ڪريم، رؤفٌ رَّحيم جو اِرشادِ عظيم آهي: ”بيشڪ

منهنجي اُمَّت مان ڪجھ ماڻهو اهڙا بہ هوندا جيڪي پنهنجي اڳ وارن (يعني صَحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) جي مثل اجر ڏنا ويندا. يُنۡكِرُوۡنَ الۡمُنۡكَرَ (هي اُهي هوندا جيڪي)بُرائي کان منع ڪندا هوندا.“ (مسند امام احمد،576/5،حديث:16592)

حضرتِ علّامہ مولانا عبدُالرؤف مناوي هِن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني اللہ پاڪ مسلمانن جي هن قوم کي جِن جي ذريعي دين کي قوت ملندي، صَحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي برابر ثواب عطا فرمائيندو. ( فيض القدير،680/1، تحت الحديث:2485)

## ڪوئي مُبلغ ڪنهن صَحابي جي برابر نٿو ٿي سگهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل رِوايت مان ڪير اهو نہ سمجهي تہ بُرائي کان منع ڪرڻ وارن مُبلِّغن کي صَحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان برابري حاصل ٿي ويندي هرگز ايئن ناهي، اهو طئي شده اَمر آهي تہ صَحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي جيڪو صَحابيّت جو شرف حاصل آهي اُنهن جو مقابلو غيرصحابي اُمّتي کي ملڻ واري ڪابہ فضيلت نٿي ڪري سگهي، سرڪارِ دو عالم، نور مجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: لَاتَسُبُّوۡا اَصۡحَابِيۡ فَلَوۡاَنَّ اَحَدَكُمۡ اَنۡفَقَ مِثۡلَ اُحُدٍ ذَهَبًا مَابَلَغَ مُدَّ اَحَدِهِمۡ وَلَانَصِيۡفَهٗ يعني منهنجي صحابي کي گار نہ ڏيو جيڪڏهن توهان مان ڪير اُحُد جبل جي برابر بہ سونُ خرچ ڪري تہ اهو اُنهن جي هڪ يا اڌ مُد کي نہ پهچندو. (بخارى، 522/2، حديث: 3673) مُد هڪ پيمانو آهي جيڪو بہ حجازي رَطل جو ٿيندو آهي ۽ رَطل تقريباً اڌسير وزن جو ٿيندو آهي ۽ ڪو غير صَحابي ڪروڙين نيڪيون ڪري بہ ڪنهن هڪ صَحابي جي مرتبي تائين نٿو پهچي سگهي. جيئن مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد 1 صفحي 253 تي

صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرتِ علاّمه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”ڪو ولي چاهي ڪيتري ئي وڏي مرتبي جو هجي، ڪنهن صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي رُتبي کي نٿو پهچي سگهي.“ صفحي 247 تي فرمائن ٿا: حديث ۾ همراهيانِ سيّدُنا اِمام مهدي (رَضِیَ اللهُ عَنْه) جي نسبت آيو آهي ته:”انهن ۾ هڪ جي لاءِ پنجاهه جو اجر آهي، صحابه (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) عرض ڪيو: انهن مان پنجاهه يا اسان مان؟ فرمايو: بلڪ توهان مان.“ ته اجر انهن (يعني امام مَهدي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ساٿين جو) جو وڏيڪ ٿيو، پر افضليت ۾ اهي صحابه (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي برابر به نٿا ٿي سگهن، زِيادت (يعني وڌيڪ هجڻ) پري رهيو، ڪٿي امام مَهدي (رَضِیَ اللهُ عَنْه) جي رفاقت(يعني ساٿي هئڻ) ۽ ڪٿي حُضُور سيّدعالم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صَحابيَّت! هن جي نظير (يعني مثال) بلا تشبيه هيئن سمجهو ته سلطان (يعني بادشاهه) ڪنهن مُهم (يعني جنگ) تي وزيرن ۽ ڪجهه بين آفيسرن کي موڪليو ، انهيءَ (جنگ) جي فتح تي هر آفيسر کي لک لک روپيا اِنعام ڏنا ۽ وزير کي خالي خوشنودي جو پروانو ڏنو ته انعام انهن (آفيسرن) کي وڌيڪ مليو، مگر ڪٿي اهي (لک لک حاصل ڪرڻ وارا آفيسرَ) ۽ ڪٿي (بادشاهه جي خوشنودي جي سند حاصل ڪرڻ وارو وزيرِاعظم جو اعزاز! (بہارِ شریعت، 247/1-253)

صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شانِ عظمت نشان کي حضرتِ سيّدُنا امير مُعَاوِيَہ (مُ_عَا_وِيَہ) رَضِيَ اللهُ عَنْه جي باري ۾ منقول هنن بن روايتن مان سمجهو: (1) حضرتِ سيّدُنا مُعَافيٰ بن عمران رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: ڇا حضرت سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرتِ امير مُعَاوِيَہ رَضِيَ اللهُ عَنْه کان بهتر آهن؟ ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه کي جلال اچي ويو فرمائڻ لڳا ته حُضُوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صَحابي تي ڪنهن (غيرصحابي) کي قياس نه ڪيو

وجي، حضرتِ امير مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ رسولِ انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ڪاتب وحي ۽ وحي تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا امين هئا.

(تاريخ بغداد،224/1،وتاريخ دمشق،208/59)

(2)ڪنهن حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کان پڇيو حضرت سيّدُنا امير مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اور حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ مان ڪير افضل آهن؟ فرمايائون: الله جو قسم! رسول الله جي همراهي ۾ حضرت اَمير مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي گهوڙي جي نڪ ۾ داخل ٿيڻ واري دَزَ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کان هزار دفعا بهتر آهي.

(فتاویٰ حديثيہ، ص401)

شيخ الاسلام حضرت علّامہ ابن حجر هيتمي شافعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ حڪايت نمبر 2 جي وضاحت ڪندي تحرير فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي مراد هي آهي تہ حضرت اَمير مُعَاوِيَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حُضُور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ۽ صحبت جو شَرَف حاصل ڪيو آهي انهيءَ جي برابر ڪو عمل يا شَرَف ٿي ئي نٿو سگهي.

(فتاویٰ حديثيہ، ص401)

ہم کو اَصحابِ محبوبِ خدا سے پیار ہے
اِن شاءَ اللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مُسڪرائڻ جا حيرت انگيز طبي فائدا

(اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب نيڪيءَ جي دعوت جو مضمون هتي ختم ٿيو)

❁انساني چهري ۾ ڏيڍ سو پوائنٽيون اهڙيون آهن جن ۾ مختلف ايڪسپريشنز (Expressions) ۽ جذبات مثلاً غصو، غم، اَفسردگي، شرمندگي وغيره جو اظهار هوندو آهي ۽ هي ڏيڍ سو پوائنٽيون ملي

ڪري چهري تي مختلف تاثرات ڏينديون آهن. مُسڪراهٽ چهري جي لاءِ واحد اهڙو فعل آهي جنهن جي ڪري هي به سؤ جون به سؤ پوائنٽون حرڪت ۾ اچي ويندیون آهن.

❁ جيڪو شخص مُسڪرائڻ جو عادي ناهي هوندو ان جو چهرو ايڪسپريشن ليس(Expressions) يعني جذبات کان خالي تي ويندو آهي بلڪ ايئن سمهجي ته تدو تي ويندو آهي.

❁ الله پاڪ انساني جسم ۾ بيمارين سان وڙهڻ جو جيڪو سسٽم رکيو آهي جنهن کي (ImmuneSystem) چوندا تا مُسڪرائڻ سان ان جي طاقت ۾ اضافو ٿيندو آهي.

❁ ٽينشن ريليف (Tension relief) ڪرڻ ۾ مُسڪرائڻ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ هي بلڊپريشر(Tension relief) تي فائدي مند اثر وجهندو آهي.

❁ يوناني طب جي ڪتاب ۾ آهي ته دَمُّو (Asthma) جيڪو هڪ ڏيٺ مرض آهي، ڇيو وجي ٿو ته هي قبر تائين ساڻ ويندو آهي، مُسڪراهٽ کي دَمي جو به علاج قرار ڏنو ويو آهي.

❁ جڏهن ڪو شخص مُسڪرائيندو آهي ته ان جي جسم مان اينڊريوفائن(Endrophine) نامي هڪ هارمون نڪرندو آهي جيڪو قدرتي درد ختم ڪندڙ (Natural Pain Killer) دوا آهي.

❁ سڀ کان وڏي ڳالهه هي آهي ته پيارا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبسم فرمائيندا هاه انهيءَ ضمن ۾ به حديثون مبارڪ ملاحظ ڪيو:

(1)حضرت عبدالله بن حرث رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪنهن کي مُسڪرائيندي نہ ڏٺو.
(ترمذی،542/5،حدیث:227)

(2) حضرت جرير رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو چوڻ آهي تہ جڏهن کان مون اسلام قبول ڪيو آهي رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ناهي روڪيو يعني جيڪو گهريو آهي اهو عطا ڪيو آهي ۽ جڏهن بہ مون کي ڏٺو تہ تبسم فرمائيندي ئي ڏٺو. (ترمذی،542/5،حدیث:230)

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں　　اُس تبسم کی عادت پہ لاکھوں سلام

ٿورو سوچيو! جيڪڏهن توهان گهر ۾ ئي ڪنهن سان مسڪرائي ڳالهايو، رستي ۾ ڪنهن سان ملاقات ٿئي تہ توهان جي چهري تي مُسڪراهٽ اچي وڃي، مسجد ۾ نمازين سان مُسڪراهٽ جو تبادلو ٿيندو رهي تہ توهان جي اندر جي موسم ۽ ٻاهر جي موسم ڪيتري پياري ٿي ويندي، يقيناً سنين سنين نيّتن سان مسلمان ڀاءُ سان مسڪرائي ملڻ سان اِن شاءَ الڪريم هر طرف محبت ڀري فضا قائم ٿي ويندي .

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بارگاهہ ۾ وقتاً فوقتاً ماڻهو ملاقات لاءِ حاضر ٿيندا رهندا آهن ۽ پاڻ هر هڪ سا مسڪرائي ملندا آهن ، ان بابت پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان سوال ٿيو تہ پاڻ جيڪو جواب اِرشاد فرمايو اهو ملاحظ ڪيو.

## مسڪراهٽ جو تحفو

سوال: مسڪرائڻ جي بہ حد هوندي آهي، آخرڪار ان ڪان بہ ماڻهو ٿڪجي پوندو آهي پر توهان کي ڏٺو ويو آهي تہ توهان ملاقات دوران

هر هڪ سان مسڪرائي ملو تا تہ چا توهان کي تڪاوت محسوس ناهي
ٿيندي؟
جواب: اها تہ هر ڪنهن جي موڊ جي ڳالهہ هوندي آهي پر مان ڪوشش
ڪري پنهنجي موڊ کي سنو رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ۽
مسڪرائيندو رهندو آهيان ڇو تہ مسڪرائڻ سنت آهي ۽ سنّت جي نيّت
سان مسڪرائڻ ۾ بہ ثواب آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مان نوٽ ڪيو آهي
تہ مسلسل مسڪرائڻ سان هتي (ڳلن ۾) معمولي سور بہ محسوس
ٿيندو آهي پر مان زبردستي مسڪرائيندو آهيان ڇوتہ حديثِ پاڪ ۾ آهي
تہ مومن جي سامهون مسڪرائڻ صدقو آهي. (ترمذی، 3/ 384، حدیث: 1963) جيڪو
ويچارو وڏي مشڪل سان مون تائين پهتو آهي ڇا معلوم منهنجي ان
مسڪراهٽ سان ان جي دلجوئي ٿي وڃي. جنهن ويچاري جي بہ ڪلاڪ
لائن ۾ بيهڻ کان پوءِ وارو آيو آهي مان ان کي بيو ڪجهہ نہ ڏيان تہ ڇا
هڪ مسڪراهٽ جو تحفو بہ نہ ڏيان؟ جيڪڏهن مان ان کي مسڪرائي
ڪري ڏسي ونان ۽ مَاشَاءَ اللّٰه چئي ڪري پني ٿپڪايان ۽ مٿي تي هٿ
ڦيريان تہ ان سان انهيءَ جي دل جوئي ٿي پوندي.
(امیرِ اہلِ سنت کی کہانی انہی کی زبانی ، قسط 11)

